SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر XLII مجريه 1984

SINDH ORDINANCE NO.XLII OF 1984

پوليس (سنڌ پي ترميم) آرڊيننس، 1984

THE POLICE (SINDH SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1861 جي ايڪٽ V جي دفعه 30 جي ترميم

Amendment of section 30 of Act V of 1861

سنڌ آرڊيننس نمبر XLII مجريہ 1984

SINDH ORDINANCE NO.XLII OF 1984

پوليس (سنڌ ٻي ترميم) آرڊيننس، 1984

THE POLICE (SINDH SECOND AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[15 نومبر 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ پوليس ايڪٽ، 1861 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ پوليس ايڪٽ، 1861 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي پوليس (سنڌ ٻي ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

(2) هن فوري طور لاڳو ٿيندو.

1861 جي ايڪٽ V جي دفعہ 30 جي ترميم
Amendment of section 30 of

2. پوليس ايڪٽ، 1861 ۾، سنڌ صوبي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ، ان جي دفعہ 30 جي ذيلي دفعہ (3) جي شرطيہ بيان ۾، آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺيون نئون شرطيہ بيان شامل ڪيو ويندو:

"بشرطيڪ اهو ته هي انهيءَ صورت ۾ لائسنس ڏيڻ کان انڪار ڪندو جڏهن هو اهڙي خاطري لکت ۾ اماڻي ٿو ته لائسنس جي منظوري امن امان يا عوامي مفادن جي لاءِ نقصانڪار هوندي يا عوامي نظم و ضبط برقرار رکڻ جي خلاف هوندي ۽ ان تي ضلعي جو ماجسٽريٽ يا ضلعي جي سب ڊويزن جو ماجسٽريٽ مطمئن آهي.	Act V of 1861

نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.